حافظ محمد يوسف پنيرو

# سنڌ ۾ ’مثنوي رُومي‘ جو اڀياس

## ’قاضي قاضن‘ کان ’قادر بخش بيدل‘ تائين هڪ تاريخي جائزو

***Abstract:***

*This paper presents a historical review of the study of `Mathnavi Rumi (1204-1273) in Sindh', (Pakistan) from the first eminent Poet Qazi Qadăn (D: 958 H) to the last eminent poet Qadir Bakhash `Badil' (D:1289 H).*

*This study highlights the strong spiritual relation between `Mathnavi` of Rumi and the scholars and Sufi Saints of Sindh, from 10th century Hijri to 13th century Hijri. The majority of Sindhi Sufi Saints and classical poets was influenced by the teachings of the `Mathnavi of Rumi.'*

**Key words:** *Sufism, Sindh, Rumi, Mathnavi, Shah Karim, Shah Jo Risalo, Sindhi Classical Poets.*

**سنڌ** ۾ تصوف جي دنيا جي وڏي شاعر مولانا جلال الدين رُومي (٦٧٢ هہ-٦٠٤هہ) جي ’مثنوي معنوي‘ جو پاڻ ۾ گهاٽو ۽ مضبوط رشتو رهيو آهي. سنڌ جي اڪثر عالمن، بزرگن ۽ مشائخن جي تصنيفن، منظوم صُوفياڻہ ڪلام ۾ سنڌي اساسي شاعري ۾ سڌي ۽ اڻ سڌي طرح رُومي جا فڪري ۽ فني اثرا واضح طور تي موجود آهن.

مولانا رُومي ’مثنوي معنوي‘ جي ٻي دفتر ۾ اٺ صديون اڳ جي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جو ذڪر ڪيو آهي:

هِندوان را اصطلاح هند مدح

سِنديان را اصطلاح سند مدح (١)

(هند وارن کي هندي اصطلاح پسند آهي ۽ سنڌ وارن کي سنڌي اصطلاح)

سنڌ جي عالمن، صُوفي بزرگن، شاعرن ۽ طريقت جي مشائخن پڻ رُومي جي فڪر، تعليمات ۽ پيغام کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. رُومي جا شعر، مثال، تشبيهون، داستان ۽ رجحان سنڌ ۾ گوُنجڻ لڳا. خاص طور سنڌ جي صوفي ۽ ڪلاسيڪي شاعرن ۾ ڏهين صدي هجري جي قاضي قادن (وفات:٩٥٨ هہ) کان ويندي تيرهين صدي هجري جي قادر بخش بيدل (وفات:١٢٨٩هہ) تائين سيني روُمي جي فڪري ۽ روُحاني شهنشاهي





کي فراخ دلي سان قبولي ورتو.

علامہ ڊاڪٽر دائود پوٽي موجب: ”روُمي اهو شاعر يڪتا ۽ بي مثال آهي، جنهن جي باري ۾ چيو ويندو آهي تہ هُو ٻين شاعرن تي عُقاب وانگر اُڏامي ٿو“.(٢)

سنڌي اساسي شاعري جي رُوح رَوان قاضي قادن (٩٥٨ هہ)، مخدوم نُوح سرور (٩٩٨ هہ)، شاهہ ڪريم (١٠٤٣هہ) شاهہ لطف الله قادري (١٠٩٠ هہ)، مخدوم معين ٺٽوي (١١٦١ هہ)، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (١١٦٥ هہ)، خواجہ محمّد زمان لواري (١١٨٨هہ)، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (١١٩٢ هہ)، شاهہ فقير الله علوي (١١٩٥ هہ)، ميان سيد محمّد بقا شاهہ (١١٩٨ هہ)، مخدوم عبدالواحد سيوستاني (١٢٢٤ هہ)، پير سيد محمّد راشد روضي ڌڻي (١٢٣٤ هہ)، سچل سرمست (١٢٤٢ هہ)، پير صبغت الله شاهہ اول (١٢٤٦ هہ) ۽ قادر بخش بيدل (١٢٨٩هہ) تي رُومي جي تعليمات ۽ فڪر جو اثر واضح آهي. سنڌ ۾ ڏهين صدي هجري کان تيرهين صديءَ هجري تائين مولانا رُومي جي مثنوي جي اثرات ۽ مطالعي جي آثارن جو خلاصو هتي پيش ڪيو ويو آهي.

### ١. قاضي قاضن (وفات: ٩٥٨ هہ)

ابو سعيد بکري عرف قاضي قادن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي اساسي شاعري جو پهريون شاعر آهي، جنهن جو ڪلام موجود آهي. قاضي قادن جو ڪلام تصّوف جي باريڪ نُڪتن، رمزن ۽ رازن سان ڀريل آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب موجب ”سنڌ ۾ شاهہ ڪريم جهڙي ولي ۽ درويش سندس بيتن کي سَند ۽ مثال طور بيان ڪيو.“(٣)

هن جي ڪلام ۾ آيل موضوعن مان وحدة الوجود، خودي کي ختم ڪرڻ، وجود وڃائڻ، پاڻ ۾ پرينءَ ڳولڻ، ظاهري اکرن ۽ لفظن ۾ اُلجهڻ بجاءِ معنيٰ جي جهان ڏي وِک وڌائڻ شامل آهن. قاضي قادن جا اهي موضوع ان کان اڳ مولانا روُميءَ جا پسنديده موضوع رهيا آهن.

رُوميءَ چيو آهي:

صد ڪتاب و صد ورق درنار ڪُن

رُوي دِل را جانبِ دلدار ڪُن

(سوين ڪتاب ۽ پَنا باهہ ۾ اُڇلاءِ ۽ دِل جو چهرو بس محبوب ڏي ڪر)

قاضي قاضن چيو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جو جو ٻارهہ لک، ڪوڙين، ڪتيبان جي پڙهئہ

ايھ سَبائي سِک، جان جان پريان نہ مڙءِ (۴)

(جن جن ٻارهن لک، ڪروڙ ڪتاب پڙهيا آهن، انهن سڀني اها سڪيا ڏني آهي تہ اِتان پرينءَ نٿو ملي)

مشهور صُوفي بايزيد بسطامي توحيد ۾ فنائيت جو علم ۽ رُتبو بُو علي سنڌي کان حاصل ڪيو هو. مولانا رُومي 'مثنويءَ' ۾ هڪ قصو بيان ڪيو آهي تہ بايزيد حَج لاءِ پئي ويو ۽ رَستي ۾ هڪ بزرگ مليس، جنهن چيو تہ "مَڪي پاڪ جنهن لاءِ وڃين ٿو، اها ذات تہ تنهنجي اندر ۾ موجود آهي. دل الله جو حَرم آهي، دِل کي هَٿ ۾ ڪر تہ حَج اڪبر جو ثواب ملندءِ.:

دل بدست آور کہ حَج اکبر است

از هزاران کعبان يک دل بهتر است

قاضي قاضن چوي ٿو:

دل اندر درياھ و، پڇئہ ڪيا سمندر ڪل

ماڻڪ اھ سَرياو، چگهي چوڪي نہ ڪٽي (۵)

(دل اندر ئي درياهہ موجزن آهي، سمنڊ جو پتو ڇو پيو پڇين؟ تنهنجي دل جي درياهہ ۾ ئي ماڻڪ موتي موجود آهن، سي ڇو نٿو چونڊين ڪٽين؟)

رُومي 'وحدة الوجود' جو ترجمان شاعر آهي ۽ سنڌ ۾ قاضي قاضن ان جو تسلسل آهي.

عين قصر، دَرلک، ڪوڙين سهسين ڪِڙڪيان

جان ئي ڪرين پَرک، تان ئي سڄڻ سامهان (٦)

قاضي قادن جي بيتن ۾ سڌي طرح رُومي جو باقاعده حوالو نٿو ملي، البت قاضي صاحب جي ڪلام جو شاهہ ڪريم تي اثر ۽ شاهہ ڪريم جي ڪلام جو ڀٽائي تي اثر ڏسي، اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي تہ سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جو پهريون شهسوار قاضي قادن نہ فقط رُوميءَ جي تعليمات ۽ مثنوي کان واقف هو، بلڪ رُوميءَ جي ڪلام مان متاثر پڻ هو. اهو سلسلو قاضي قادن کان پوءِ وارن، بزرگن، عالمن ۽ شاعرن ۾ وڌيڪ پختو ٿي اڀَري وڌندو رهيو.





## ٢. رسالہ فتحيہ (١٠١٩ هہ)

قاضي قادن کان پوءِ يارهين صدي هجري جي اوائل (١٠١٩ هہ / ١٦١٥-١٦١٦ع) ۾ 'رسالہ فتحيہ' تصوف تي پهرين مڪمل علمي ۽ فڪري تصنيف آهي، جنهن جو مصنف مخدوم نوح سرور جو پوٽو مخدوم فتح محمّد بن مخدوم امين محمّد صديقي آهي.(٧)

رسالي فتحيہ جي تيرهين باب ۾ 'وحدة' سان لاڳاپيل بحث دوران رُوميءَ جا شعر ڏنل آهن(٨) ۽ اڳتي هڪ هنڌ رُوميءَ جي ديوان ڪبير 'شمس تبريزي' جا شعر پڻ موجود آهن، جيڪي 'عشق ۽ محبت' جي باب ۾ ڇپيل آهن.(٩)

## ٣. بيان العارفين و تنبيهہ الغافلين (١٠٣٨ هہ)

قادري بزرگ شاهہ عبدالڪريم بُلڙي واري (١٠٣٢ هہ- ٩٤٤ هہ) جي ملفوظات "بيان العارفين و تنبيهہ الغافلين" محمّد رضا بن عبدالواسع سال ١٠٣٨هہ ۾ مرتب ڪيو. (١٠) بيان العارفين ۾ شاهہ ڪريم جي ارشادات ۽ احوال کانسواءِ ٻيو ڪافي اهم علمي، ادبي ۽ تاريخي مواد پڻ موجود آهي. شاهہ ڪريم جي بيتن توڙي ارشادن ۾ ٻين بزرگن ۽ شاعرن جي اثر سان گڏ مثنوي رُوميءَ جا اثر ۽ اهڃاڻ پڻ موجود آهن.

(الف) ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ: "مٻين شاهہ ڪريم کي مولانا رُومي جي مثنوي توڙي سندس ديوان مان بيت ياد هئا."(١١)

(ب) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي موجب: "شاهہ ڪريم پهريون سنڌي شاعر هو جنهن جي فڪر تي رُومي جي ڪلام جو خاص طور اثر پيو. مثنويءَ جي ڪيترن شعرن جو مفهوم سيد صاحب پنهنجي بيتن ۾ ادا ڪيو آهي."(١٢)

(ج) ڊاڪٽر عبدالغفار سومري لکيو آهي: "جيتوڻيڪ مثنوي مولانا رُومي (١٢٠٤ع-١٢٧٣ع) جو بيان العارفين ۾ سڌو سنئون ڪو بہ حوالو يا شعر نٿو ملي، تاهم شاهہ ڪريم جي ڪيترن بيتن ۾ بلڪل سڌو سنئون ۽ سندس ڪن قولن ۾ رُومي جي خيالن جي ترجماني يا هڪجهڙائي ملي ٿي".(١٣)

مثنوي دفتر اول ۾ رُوميءَ جو شعر آهي:

گوش خر بفروش و ديگر گوش خر

کين سُخن را در نيابد گوش خر (١٤)

(هي گڏ هڻا ڪن وڪڻي ٻيا ڪن خريد ڪر، ڇو تہ اهو سخن انهن گڏهہ وارن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪَنن سان نہ ٻُڌي سگهبو.)

شاهہ ڪريم جو هيئيون بيت، مولانا رومي جي مٿين شعر جو ڄڻ ترجمو ٿو معلوم ٿئي:

هي ڪن گڏ هٽا وڪٽي، ڪَنَ ڪي ٻيا ڳنهيج
تنين سان سُٽيج، پِريان سندي ڳالهڙي[١٥]

محقق ڊاڪٽر عبدالغفار سومري، وڌيڪ مثال پڻ ڏنا آهن، جن مان واضح آهي، تہ شاهہ ڪريم جي شعر ۽ فڪر تي مولانا رُومي جو گهرو اثر هيو.[١٦]

## ٤. شاهہ لطف الله قادري (١٠٩٠ هہ)

شيخ المشائخ شاهہ لطف الله قادري (١٠٩٠هہ-١٠٢٠هہ) جي تصوف تي اهم تصنيف ’منهاج المعرفت‘ (١٠٧٨هہ) آهي جنهن ۾ پڻ رُومي جا آثار موجود آهن.[١٧]

## ٥. ميين عيسيٰ جو ڪلام:

يارهين ۽ ٻارهين صدي هجري جي صوفي شاعر ۽ بزرگ ميين عيسيٰ پنهنجي ڪلام ۾ شاهدي طور ٻين ڪيترن عالمن جون مختلف فقهي ۽ ديني مسئلن تي شاهديون واريون آهن، جن ۾ پنهنجي مرشد ۽ سنڌ ۽ اسلام جي ٻين بزرگن ۽ صوفين سان گڏ مولانا جلال الدين رُومي پڻ شامل آهي.[١٨]

## ٦. رسالئہ اويسيہ:

سنڌ جي برک عالم ۽ بزرگ مخدوم محمد معين ٺٽوي (وفات: ١١٦١هہ) ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (وفات: ١١٦٥هہ) جي وچ ۾ خط و ڪتابت تي ٻڌل ’رسالئہ اويسيہ‘ ۾ رُوميءَ جا آثار موجود آهن. رسالي ۾ هڪ هنڌ مولانا رُوميءَ جي سوانح ۽ حالات تي سڀ کان آڳاٽي تصنيف ’مناقب العارفين‘ افلاڪي جو حوالو پڻ ڏنل آهي[١٩] ۽ هڪ هنڌ رُومي جو شعر پڻ ڏنل آهي:

گرهمان بخشد و گر بخشد رواست
نائب است او دستِ او دستِ خداست[٢٠]





## ٧. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (وفات: ١١٦٥هہ)

دنيا جي عظيم شاعرن مان هڪ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ (١١٦٥هہ-١١٠٢هہ) جو شاهڪار ڪلام ’شاهہ جو رسالو‘ علم و ادب ۽ تصوف و عرفان جو عميق سمنڊ آهي. شاهہ لطيف پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن پنهنجي بيتن ۾ رُوميءَ جو نالو وٺي سندس فڪر جي ترجماني ڪئي آهي.

ڀٽائي صاحب بابت سيني محققن جي متفقہ راءِ آهي تہ ساڻس قرآن پاڪ کان علاوہ ٻہ ڪتاب ’مثنوي رُومي‘ ۽ ’بيان العارفين‘ گڏ هوندا هئا. [٢١]

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ موجب ”شاهہ لطيف جو شعر غور سان پڙهجي ٿو تہ معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ صاحب ٻنهي ڪتابن جو فڪري ۽ فني اثر قبول ڪيو آهي.“ [٢٢]

(الف) ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ: ”شاهہ لطيف جي ذوق ڪمال ڪيس حق ۽ حقيقت جي اعليٰ مقامن جو متلاشي ڪيو. سلوڪ ۽ معرفت جي اعليٰ معنوي فڪر جا اهڃاڻ توڙي ديني تعليم جي رسمي ڄاڻ کان اڳتي اسلامي تعليم جي رُوح تائين پهچڻ جا راز ڪيس ميين شاهہ ڪريم جي ’بيان العارفين‘ ۽ مولانا جلال الدين رُومي جي ’مثنوي‘ ۾ نظر آيا. پنهنجي پاڻ تربيت واري هن دور ۾ شاهہ لطيف خاص ڪري مثنوي ڪي سمجهڻ طرف گهڻو ڌيان ڏنو.“ [٢٣]

(ب) ڊاڪٽر بلوچ صاحب اهو بہ ڄاڻايو آهي تہ لطيف ڪي مثنوي جي اهميت ۽ عظمت جو پتو هڪ تہ شاهہ ڪريم جي سوانح ۽ تلقين مان پيو ۽ ٻيو ڊاسوڙي جي بزرگ ميان محّمد عارف جو فرزند ميان محّمد صلاح هو، جيڪو مثنوي رُومي جو ڄاڻو ۽ لطيف جو معتقد هو. شاهہ لطيف ان کان مثنوي پڙهائي پاڻ ٻڌندو هو ۽ اهو سلسلو لطيف جي زندگي جي پوئين دور تائين جاري رهيو. [٢٤]

(ج) ’شاهہ جو رسالو‘ جي معياري ۽ مستند مَتن موجب ’سُر ڪلياڻ‘ جي ٻئي داستان ۾ ڇهہ بيت اهڙا آهن، جن ۾ رُومي جو نالو اچي ٿو ۽ ڀٽائي صاحب مولانا رُومي جي حوالي سان ’وحدة الوجودي‘ فڪر جي ترجماني ڪئي آهي:

پهريون بيت:

طالب قصر، سُونهن سَر، اي رُوميءَ جي رُوءِ
جَني ڏٺي جُوءِ، تني ڪُڇيو ڪينڪي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آخري بيت:

طالب قصر، سُونهن سَر، ايءُ رُومي جي اوطاق

پچين درفراق، تہ منجهين مشاهدو ٿئي. (٢٥)

(د) 'شاهہ جي رسالي' بابت اهو پڻ واضح آهي تہ شاهہ صاحب رسالي جو آغاز هڪ اهڙي بيت سان ڪيو هو جيڪو 'مثنوي رُومي' جي پهرئين شعر جو چڻ تہ ترجمو هو.

مير عبدالحسين سانگي لکي ٿو: "حضرت شاهہ عبداللطيف جو رسالو سنڌي نظم ۾ آهي، ان جي شروعات 'اول الله عليم' جي بيت کان ڪئي اٿن، پر حقيقت ۾ رسالي جو پهريون بيت مولانا روميءَ جي مثنويءَ وارو پهريون هيءُ بيت ٿي آهي:

بشنو ازني چون حڪايت مي ڪند،

از جدائي ها شڪايت مي ڪند.

جيئن هيٺ ان جي معنيٰ وارو بيت ڏجي ٿو:

وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪُنل ڪوڪاري،

هن پن پنهنجا ساريا، هُو هنجون هَڏن لئہ هاري (٢٦)

بهر حال مثنوي رُومي ۽ شاهہ لطيف جي فڪر ۾ هڪجهڙائي ۽ تقابلي مطالعي جي وڏيڪ گهرج آهي. رُومي پنهنجي شاعري ۽ پيغام لاءِ جيڪي قصا، حڪايتون، تمثيلون ۽ تشبيهون ڪتب آنديون آهن، اهي گهڻي ڀاڱي عَربي، فارسي، هند ۽ ترُڪي سان وابستہ آهن، جڏهن تہ شاهہ صاحب 'سنديان را اصطلاح سند مدح' موجب پنهنجي ڪلام ۾ اهي تاريخي يا نيم تاريخي واقعا، داستان ۽ اصطلاح استعمال ڪيا آهن، جيڪي سُونهاري سنڌ سان ئي لاڳاپيل آهن.

## ٨. ميان نور محمّد ڪلهوڙو (وفات: ١١٦٧ هہ)

واليءِ سنڌ، ميان نور محمّد ڪلهوڙي جو دؤر سنڌ ۾ علم ۽ ادب جي عروج جو دؤر هو. ميان نور محمّد ٽي يادگار ڪتاب پڻ ڇڏيا: نادرنامہ، حسن اداءِ انتخاب ۽ منشور الوصيت. ميان نورمحمّد ڪلهوڙي لاءِ اهو مشهور آهي، تہ هن رُومي جي 'مثنوي' جو هڪ خوش خط نسخو شاهہ صاحب ڀٽائي ڏانهن تُحفي طور موڪليو."(٢٧)

ان کان سواءِ ميان نور محمّد جي وصيت نامي (منشور الوصيت) ۾ بہ مثنوي





دفتر اول جو هڪ شعر موجود آهي. لکيائين:

در بهاران ڪي شود سرسبز سنگ

خاک شو تا گل برويد رنگ رنگ (٢٨)

## ٩. خواجہ محمّد زمان لواري (وفات: ١١٨٨هہ)

سنڌ جي مشهور نقشبندي بزرگ ۽ شاعر خواجہ محمّد زمان لواري (١١٨٨هہ-١١٢٥هہ) جي 'سنڌي ابيات' ۽ ملفوظات 'فتح الفضل' ۾ رُومي جا آثار وڏي انگ ۾ موجود آهن. خواجہ محمّد زمان 'مثنوي رُومي' جو بہ دلداده هو. (٢٩)

(الف) 'ابيات سنڌي' ۾ اهڙا ڪافي بيت آهن جيڪي معنوي لحاظ سان رُومي جي اثر هيٺ آهن ۽ شارح شيخ عبدالرحيم گرهوڙي بہ انهن بيتن جي شرح ۾ رُومي جا هم معنيٰ ۽ مماثلت رکندڙ شعر ڏنا آهن.

(ب) ملفوظات 'فتح الفضل' ۾ خواجہ صاحب پنهنجي زباني ارشادن دوران 'مثنوي' جا شعر بہ پڙهيا آهن، هڪ هنڌ مثنوي جو هي بيت پڙهيائون:

گفتگوي عاشقان در ڪار رب

جوشش عشق است ني ترک ادب (٣٠)

مخدوم محّمد زمان جي سلسلي ۾ مير بلوچ ٽالپر جي تصنيف 'فردوس العارفين' ۾ بہ رُومي جا آثار موجود آهن.

## ١٠. مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (وفات: ١١٩٢هہ)

سنڌ جو وڏو عالم، فاضل، مصنف ۽ شاعر مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي (١١٩٢هہ-١١٥٢هہ)، خواجہ محّمد زمان لواري واري جو وڏو خليفو پڻ هو.(٣١)

گرهوڙي جو سنڌي ڪلام مشهور آهي. ان کان علاوه پنهنجي مرشد جا ملفوظات 'فتح الفضل' ۽ سنڌي بيتن جي 'شرح ابيات سنڌي' عربي ۾ لکيائين، گرهوڙي صاحب بہ پنهنجي مُرشد وانگر مولانا رُوميءَ جي مثنوي کان متاثر هو، 'فتح الفضل' ۽ 'شرح ابيات سنڌي' ۾ رُوميءَ جا اڻ ڳڻيا شعر آندا اٿس.

گرهوڙي صاحب هڪ هنڌ رُوميءَ جو سنڌ بابت مشهور شعر پڻ ڏنو آهي 'سنديان را اصطلاح سِند مدح'. (٣٢)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

### ١١. شاهه فقير الله علوي (وفات: ١١٩٥هه)

وڏو عالم، بزرگ، مصنف ۽ شاعر شاهه فقير الله علوي ڪابل ۾ ڄائو ۽ شڪارپور ۾ وفات ڪيائين. عربي ۽ فارسي ۾ ڪارائتا ڪتاب لکيائين ۽ سندس فارسي مڪتوبات پڻ مشهور آهي.

مڪتوبات ۾ مخدوم معين ٺٽويءَ ڏي لکيل هڪ خط ۾ رُومي جي شعر ڏنل آهي:

من شدم عريان زتن او از خيال
مي خرامم در نهايات الوصال (٣٣)

ميان صلاح (هالا ڪنڊي) ڏي لکيل خط ۾ مثنوي رُومي جا شروعاتي شعر ڏنل آهن.(٣٤)

ميان صلاح شايد اهو ئي شخص آهي، جيڪو شاهه لطيف کي مثنوي پڙهي ٻڌائيندو هو.

### ١٢. مخدوم محّمد دائود آگرو:

مخدوم محّمد دائود آگرو وقت جو زبردست عالم، بزرگ ۽ اهل الله شخص هو. پير صاحب سيد محمّد راشد روضي ڌڻيءَ (وفات: ١٢٣٤هه) جي استاد مخدوم محّمد آريجوي جو به استاد هو.

ناميارِي اديب غلام رباني آگري صاحب لکيو آهي: 'سندس ڪتب خانو هو جو ضايع ٿي ويو، سندس هٿ اکرن ۾ مثنوي مولانا رُوم جو نسخو ٻن جلدن ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي" (٣٥)

### ١٣. شاهه اسماعيل صُوفي:

ٺٽي جو شاهه اسد الله عرف شاهه اسماعيل صُوفي جيڪو شاهه عاشق الله جو مُريد ۽ صُوفي شاهه عنايت جو مخلص هو. هميشه استغراق ۾ رهندو هو. سندس خدمت ۾ مولانا رُومي جي مَثنوي جي درس وقت عجيب ڪيفيت پيدا ٿي ويندي هئي. (٣٦)

### ١٤. شاهه مسعود ولهاري:

شاهه مسعود ولهاري، شاهه اسماعيل صوفي جو وڏي ۾ وڏو مُريد ۽ خليفو





هيو، پهريان حاجي محّمد قائم وٽ پڙهيو. ان بعد مثنوي جو درس شروع ڪري مڪمل ذوق حاصل ڪيائين. (٣٧)

### ١٥. ميان سيّد محّمد بقا (شهيد ١١٩٨ هه)

ٻارهين صدي هجري جو بزرگ ۽ شاعر ميان سيد محمّد بقا شاهه 'پَٽ ڌڻي' (١١٩٨هه-١١٣٥هه) پير صاحب محّمد راشد روضي ڌڻي جو والد هيو. شاهه لطيف ڀٽائي ۽ ميان صاحبڏني فاروقي سان سندس ملاقات هئي. پاڻ پنهنجي هڪ خليفي ملا عبدالڪريم افغان کان سلوڪ بابت فارسي رسالو لکرايائين، جنهن ۾ پڻ رُومي جا شعر آيا آهن. (٣٨)

### ١٦. مخدوم عبدالواحد سيوستاني (وفات: ١٢٢٤هه)

سنڌ جو نامور فقيهه ۽ مصّنف مخدوم عبدالواحد سيوستاني 'نعمان ثاني' جي لقب سان مشهور آهي. مخدوم صاحب جي رسائل ۾ به رُومي جا آثار آهن.

ڪار پاڪان را قِياس از خود مگير
گرچه باشد در نوشتن شير و شِير (٣٩)

### ١٧. قاضي غلام علي ٺٽوي:

قاضي غلام علي ٺٽوي قاضين جي مشهور خاندان جو فرد ۽ هڪ وڏو عالم هو. وقت جي وڏي عالم مخدوم قائم سان سندس مناظرا ٿيندا هئا. ظاهري علمن ڪانسواءِ تصوف جو به وڏو ماهر هو. مولانا روميءَ جي مثنويءَ سان بيحد عشق هئس.(٤٠)

### ١٨. پير سيد محّمد راشد 'روضي ڌڻي' (وفات: ١٢٣٤هه)

ٻارهين ۽ تيرهين صدي هجري جو وڏو عالم، عارف، شاعر ۽ مصنف پير صاحب سيد محّمد راشد 'روضي ڌڻي' سنڌ ۾ مثنوي رُومي جو وڏو ترجمان ۽ شارح هو.

پير صاحب جي تصنيفات 'آداب المريدين'، 'جمع الجوامع'، 'شرح اسماءِ الله' ۽ مڪتوبات شريف ۾ مثنوي جا آثار وڏي تعداد ۾ موجود آهن. ان ڪانسواءِ ملفوظات 'مجمع الفيوضات' ۾ به رُومي جا وڌ کان وڌ آثار آهن. پير صاحب جي مڪتوبات ۾ ڪجهه خط خالص طور 'مثنوي' جي ڪجهه شعرن جي عجيب علمي ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

روحاني شرحن تي مشتمل آهن. خاص طور 'مثنوي' جي فقط پهرئين شعر جي جيڪو شرح ڪيائون اها بي مثال آهي. سفر ۽ حضر ۾ مثنوي جو درس پير صاحب جي روزانو جي معمولات ۾ شامل هو ۽ پاڻ مثنوي رُومي کي پاڪ ڪتاب وانگر غلاف ۾ ويڙهي رکندا هئا.(۴۱)

## ۱۹. خليفو محمود فقير نظاماڻي:

پير صاحب محمد راشد روضي ڌڻي جو وڏو خليفو ميان محمود فقير نظاماڻي پڙ عالم، عارف، شاعر ۽ مصنف هو.(۴۲)

خليفي محمود پنهنجي پير سيد محمد راشد جي ضخيم ملفوظات 'مجمع الفيوضات' ۽ مُرشد جا چائيتاليھ خط 'مڪتوبات' طور مرتب ڪيا. خليفي محمود جي ٻين تصنيفن ۾ 'گلشن اولياءِ'، 'مڪتوبات محمودي'، 'محبوبة المحموديہ' شامل آهن. خود خليفي محمود جا بہ ملفوظات 'سراج العاشقين' ۽ 'توفيق الطالبين' موجود آهن. خليفي محمود جي انهن سيني تصنيفات توڙي ملفوظات ۾ جلال الدين رُومي جا آثار وڏي انگ ۾ موجود آهن.

## ۲۰. حڪيم حبيب الله بڪري:

حڪيم حبيب الله ولد خواجہ ابراهيم بڪري مصنف ۽ شاعر هو. سندس بابت دين محّمد وفائي صاحب لکي ٿو: "هو بزرگ حضرت پير سيد محّمد راشد عليہ الرحمة روضي ڌڻي جو مريد ۽ خليفو هو، سندس دستخط 'شرح مثنوي مولانا روم' جو نظر مان گزريو، جنهن کي ۲۲ جمادي الثاني ۱۲۱۸ھ ۾ لکي پورو ڪيو اٿس."(۴۳)

## ۲۱. ٽالپرن جو مثنوي سان شغف:

سنڌ جي تاريخي اڀياس مان اهي آثار ملن ٿا تہ واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙي کان سنڌ جي ٽالپرن تائين 'مثنوي رومي' کي وڏي اهميت حاصل هئي.

(الف) رچرڊ برٽن جي تحقيق موجب 'مثنوي رُومي' سنڌ جي تعليمي نصاب ۾ بہ شامل هئي'.(۴۴)

(ب) پير صاحب روضي ڌڻيءَ جي ملفوظات ۾ بہ لکيل آهي تہ، هيڪر پاڻ حيدرآباد قلعي ۾ مير مراد علي ٽالپر (وفات ۱۲۴۹ھ) ۽ مير ڪرم علي ٽالپر





(وفات:۱۲۴۴ھ) وٽ آيل هئا ۽ مير ڪرم عليءَ، پير صاحب روضي ڌڻي کي مثنوي رُومي پڙهائڻ جي گذارش ڪئي. ان وقت پير صاحب وٽ مثنوي موجود نہ هئي ۽ پوءِ مير مراد علي پنهنجو ذاتي نسخو گهرايو ۽ پير صاحب مثنوي جي تشريح ۽ وضاحت ڪئي.(۴۵)

## ۲۲. سچل سرمست: (وفات: ۱۲۴۲ھ)

سنڌ جو سدابهار شاعر ۽ صوفي بزرگ سچل سرمست (۱۲۴۲ھ-۱۱۵۲ھ) وحدة الوجودي شاعر هو ۽ منصور حلاج، ابن عربي، شمس تبريزي، عطار، رُومي، سرمد ۽ انهيءَ نظريي جي ٻين صوفي بزرگن جو پوئلڳ هو ۽ مثنوي رُومي کان بہ متاثر هيو.

ڪريم بخش خالد لکي ٿو: "هن قرآن ڪريم ۽ حديث شريف سان گڏ ڪُليات عطار، ديوان شمس تبريزي، مثنوي مولانا روم، ديوان احمد جام، زنده پير ۽ آثار جامي جو گهرو اڀياس ڪيو هو. سندس فارسي ڪلام ۾ انهن بزرگن ۽ سندن تعليم، پيغام، فلسفي ۽ فڪر بابت گهڻا ئي اشارا ملن ٿا."(۴۶)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو، "اهڙي طرح جيڪو بہ اثر مثنوي شريف جو پراڻن سنڌي شاعرن جي بيتن تي آهي، سو فقط تصوف جي دائري اندر آهي. اهو اثر پوءِ سچل ۽ ٻين شاعرن تي بہ پيو."(۴۷)

## ۲۳. پير صبغت الله شاهہ 'پيرپاڳارو' (وفات: ۱۲۴۶ھ)

پير محمد راشد روضي ڌڻي جو وڏو فرزند ۽ سجاده نشين، پير صبغت الله شاهہ 'پهرين پير پاڳاري' طور مشهور آهي. وقت جو وڏو عالم ۽ عارف هو.

پير صاحب جي ملفوظات 'خزانة المعرفت' ۽ مڪتوبات 'خزانة الاسرار' بہ علمي ۽ روحاني شاهڪار آهن جن جو مرتب سندس فرزند پير علي گوهر شاهہ 'اصغر سائين' (وفات:۱۲۶۲ھ) آهي. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ مثنوي رُومي جا آثار موجود آهن. خزانة الاسرار ۾ پاڻ رُوميءَ جي شعرن جي مثالي تشريح بہ ڪئي آهي.(۴۸)

## ۲۴. قادر بخش بيدل (وفات:۱۲۸۹ھ)

تيرهين صدي هجري سان وابستہ سنڌ جو مشهور صوفي شاعر ۽ مصنف



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عبدالقادر عُرف قادر بخش بيدل ١٢٣١ھ/١٨١٥ع ۾ ڄائو ۽ ١٢٨٩ھ/١٨٧٣ع ۾ وفات ڪيائين. ڪجھ عرصو پير صبغت الله شاھ اول جي صحبت ۾ رهيو ۽ پير علي گوهر شاھ 'اصغر سائين' کي مولانا رُومي جي مثنوي شريف جو درس ڏيندو هو.[۴۹]

بيدل فارسي، هندي، سنڌي، عربي ۽ سرائيڪي ۾ شاعري ڪئي ۽ نثر ۽ نظم ۾ ٽيهارو ڪتاب لکيائين (۵۰) تيرهين صدي هجري ۾ 'عبدالقادر بيدل' آخري صوفي ۽ شاعر آهي، جنهن جي آثارن ۾ وڏ ڪان وڏ رُومي جي صُوفياڻي ۽ حافظ شيرازي جي عاشقاڻي رنگ جو گهرو اثر ڏسي سگهجي ٿو.[۵۱]

(الف) بيدل جي پهرين مڪمل تصنيف 'مثنوي رياض الفقر' (١٢۵٨ھ) آهي جيڪا مڪمل طور 'مثنوي رومي' جي تتبع تي آهي ۽ ان جو پهريون شعر بہ رُومي جي اثر هيٺ چيل آهي:

بشنو ازني تغمئہ سر الست

تاچه مي گويد ازان عهد دو دست

هن جي 'مقالة السابع' ۾ مثنوي جي هڪ ٻوڙهي شعر (علم حق در علم صوفي گم شود) جي شرح بہ آهي تہ بيدل 'مثنوي' کي "احسن الڪتب" پڻ سڏيو آهي". [۵۲]

(ب) بيدل جي ٻي فارسي مثنوي 'نهر البحر' آهي، جنهن بابت،

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

"مثنوي نهر البحر ۾ هُو مولانا رُومي جي ڳوڙهن فڪري مسئلن کي سمجهائي ٿو." (۵٣)

(ج) 'نهر البحر' ۾ بيدل 'مثنوي' جي تعريف ۽ توصيف ۾ شاندار شعر چيا آهن جن ۾ مثنوي کي 'رازن جو مخزن'، انوارن جو مطلع، اوليائن جي رُوح جو معراج، ذات ڪبريا جو اسرار وغيره سڏي ٿو.

بيدل پنهنجي هن تصنيف جي نالي واري شعر ۾ 'مثنوي' کي هڪ رُشد ۽ هدايت جو بَحر ۽ پنهنجي ڪم کي اُن جي هڪ نَهر سان تشبيھ ڏني آهي:





مثنوي معنوي بحر رَشَد (۵۴)

فڪر من زان بحر نهري مي ڪَشَد

(د) 'نهر البحر' ۾ پاڻ مولانا رُومي لاءِ هي القاب پڻ لکي ٿو:

"سلطان المشائخ الصوفيہ، مقتدا جماعت ابدال و اوتاد، مؤسس اساس ڪشف و يقين، مولانا جلال الدين...[۵۵]

(ھ) بيدل جي ٻين تصنيفن 'تقويت القلوب'[۵٦] سَند الموحدين[۵٧] ۽ 'في بطن احاديث' (۵٨) ۾ بہ رُومي جا آثار ۽ اشعار موجود آهن.

(و) قادر بخش بيدل 'جمعي جي خُطبن' بابت پڻ هڪ رسالو مرتب ڪيو، جنهن جو نالو آهي 'خطبة جمعة من المثنوي المعنوي' ۽ ان ۾ جُمعي جي خطبي لاءِ مثنوي رُومي جي ٽي شعرن جي سهڻي چونڊ ڪيل آهي.

(ز) بيدل جو هڪ مشهور ڪتاب 'پنج گنج' آهي جنهن ۾ تصّوف جي چاليهن منزلن جي تعليم پنجن دليلن سان ڏنل آهي، يعني قرآن، حديث، مثنوي رُومي، شاھ ڀٽائي ۽ هڪ حڪايت.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو: "هي ڪتاب حضرت بيدل جو هڪ علمي شاهڪار آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ قرآن شريف جي چاليھ آيتن جو صُوفيانہ تفسير بہ اچي ويجي ٿو تہ ان سان گڏ چاليهن حديثن، مولانا رُومي جي مثنوي جي چاليهن بيتن ۽ شاھ صاحب جي چاليهن بيتن جي شرح بہ اچي ويجي ٿي."[۵۹]

## بحث جو خلاصو:

سنڌ ۽ مثنوي رُومي پاڻ ۾ هڪ مضبوط رشتو رکن ٿا. سنڌ جي عالمن، بزرگن ۽ شاعرن 'مثنوي' جي فڪر کي مان بخشيو ۽ مثنوي رُومي جي تشريحون ڪيون ۽ ان جي تعليم کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عام پئي ڪيو آهي. صُوفي روايات جي پهرين بزرگ شاعر قاضي قادن کان تيرهين صدي هجري جي آخري شاعر ۽ مصنف قادر بخش بيدل تائين سمورا مثنوي رُومي کان بيحد متاثر هئا. 'سنڌ ۽ روُمي' جو موضوع تمام وسيع آهي جنهن تي وڏيڪ تحقيق ڪري علم، ادب ۽ عرفان جي انهيءَ رُوح پرور سلسلي کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو .

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## حوالا


۱. رومي جلال الدين، 'مثنوي معنوي'، دفتر اول، شعر ۱۷۵۷- انتشارات دوستان تهران، ص: ۳۸۰.

۲. دائود پوٽو عمر بن محمدؒ، 'مقالا ۽ مضمون'، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ۱۹۷۸ع، ص: ۱۳۰.

۳. بلوچ نبي بخش خان، 'ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا، 'مرتب: ارشد بلوچ، نوادرات کاتو حڪومت سنڌ، ۲۰۱۲ع، ص: ۵۰ .

۴. ٽڪر، هيرو ، 'قاضي قادن جو ڪلام'، بيت: ۲، روشني پبليڪشن ڪنڊيارو، ۱۹۹۶ع، ص: ۷۷ .

۵. ساڳيو، بيت: ۱۲، ص: ۷۹ .

۶. ساڳيو، بيت: ۳۱، ص: ۸۴.

۷. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'رهاڻ هيرن ڪاڻ' جلد پهريون، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ص: ۱۴ .

۸. صديقي، فتح محّمد، مخدوم، 'رسالہ فتحيہ'، تحقيق: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ۲۰۱۱ع، ص: ۲۵.

۹. ساڳيو، ص ۲۷.

۱۰. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، 'شاهہ ڪريم جو ڪلام'، روشني پبليڪشن ڪنڊيارو، ۱۹۹۵ع، ص: ۶۳ .

۱۱. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، 'شاهہ جو رسالو' سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ۲۰۱۲ع ،ص: ۱۶.

۱۲. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، 'سنڌي شاعري تي فارسي شاعري جو اثر'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ۱۹۸۰ع،ص ۳۸.

۱۳. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، (مقدمو) 'بيان العارفين'، اوقاف کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۲ع، ص: ۲۸.

۱۴. رومي، جلال الدين، 'مثنوي معنوي'، دفتر اول، شعر ۱۰۲۸، انتشارات دوستان تهران

۱۵. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، 'بيان العارفين'، اوقاف کاتو، حڪومت سنڌ، ۲۰۰۲ع، ص: ۲۹ .

۱۶. ساڳيو، ص: ۳۰، ۳۱.

۱۷. قادري، لطف الله شاهہ، 'منهاج المعرفت'، تحقيق: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ۲۰۰۹ع، ص: ۲۴ .

۱۸. ممتاز مرزا، 'ميين عيسيٰ جا سنڌي بيت'، شاهہ لطيف پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، پٽ شاهہ،







۱۹۹۳ع، ص: ۲۸.

۱۹. ٺٽوي معين مخدوم، 'رسالئہ اويسيہ'، مترجم: نياز همايوني، پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ۲۰۰۵ع، ص: ۴۱.

۲۰. ساڳيو، ص: ۳۲.

۲۱. شاد بشير احمد ڊاڪٽر، 'عرفان لطيف'، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ۲۰۰۳ع، ص: ۱۳.

۲۲. سنڌي، عبدالمجيد، ميمڻ، ڊاڪٽر، 'لطيفي لاٽ'، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ۲۰۰۱ع، ص: ۳۸.

۲۳. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'شاهہ جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ۲۰۱۲ع، ص: ۱۶ .

۲۴. ساڳيو، ص: ۱۶.

۲۵. ساڳيو، ص: ۵۲ .

۲۶. سانگي، عبدالحسين، مير، 'لطائف لطيفي'، پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، پٽ شاهہ، ۱۹۸۶ع، ص: ۴۶

۲۷. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'شاهہ جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ۲۰۱۲ع، ص: ۱۶ .

۲۸. ڪلهوڙو نور محمد ميان، 'منشور الوصيت' (مترجم: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري) ، سنڌي ادبي بورڊ ۲۰۰۴ع، ص:۸۶.

۲۹. سومرو، عبدالغفار، ڊاڪٽر، 'شرح ابيات سنڌي'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ۲۰۰۸ع، ص:۶۵ .

۳۰. گرهوڙي، عبدالرحيم، 'فتح الفضل'، (مترجم: علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي)، اداره ناليج حيدرآباد، ۲۰۰۵ع،ص:۶۹ .

۳۱. دائود پوٽو علامہ، گرهوڙي جو ڪلام (مقدمو) ، روشني ڪنڊيارو ۲۰۰۵ع، ص: ۱۳.

۳۲. گرهوڙي، عبدالرحيم، 'فتح الفضل'، (مترجم: علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي)، اداره ناليج حيدرآباد، ۲۰۰۵ع،ص:۵۷ .

۳۳. عبدالحمد، مولوي، 'مڪتوبات شاهہ فقير الله علوي'، مولوي عبدالحمد، قنڌار (سال نا معلوم)، ص: ۱۰۷.

۳۴. ساڳيو، ص: ۲۸۵.

۳۵. آگرو غلام رباني: 'جهڙا گل گلاب جا' حصو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ۲۰۰۷ع، ص: ۱۵۸.

۳۶. ٺٽوي مير علي شير قانع: 'تحفہ الڪرام' باب چوويهون، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۸۹ع، ص: ۵۷۲ .

۳۷. حوالو ساڳيو ص ۵۷۳




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

٣٨. صراط الطالبين (مع رسالة السلوڪ) ، سڪندريہ پبليڪشنز، پير جو ڳوٺ، ٢٠٠٦ع، ص ١٣٢.

٣٩. سيوستاني، عبدالواحد مخدوم، ’رسائل سيوستاني‘، سنڌي ادبي بورڊ، ٢٠٠٧ع، ص: ٩٤، ١٩٣.

٤٠. مولانا دين محمد وفائي، ’تذڪره مشاهِير سنڌ‘، جلد ٻيون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ص: ٢٤٩.

٤١. خليفہ محمود نظاماڻي، ’مجمع الفيوضات‘، جلد ٻيون، ص: ١٨٧.

٤٢. سڪندري، نذر حسين، ڊاڪٽر، ’مڪتوبات شريف ۽ سوانح حيات پير سائين روضي ڌڻي‘، مدرسہ صبغتہ الهديٰ شاهپور چاڪر، ١٩٩٦ع، ص: ١٢٥، ١٥٦.

٤٣. وفائي، دين محمّد، ’تذڪره مشاهير سنڌ‘، جلد ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٧٥ع، ص: ١٩٩.

٤٤. برٽن، رچرڊ، ’سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون‘، مترجم: محمّد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ١٩٩٥ع، ص: ١٢٥.

٤٥. ’مجمع الفيوضات‘، جلد ٻيون، سڪندريہ پبليڪيشنز، پير جو ڳوٺ، ٢٠٠٠ع، ص: ١٩٥.

٤٦. خالد، ڪريم بخش، ’سچل سائين‘، پندرهين صدي هجري مطبوعات ڪراچي، ١٩٨٣ع، ص: ١٣٦.

٤٧. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي شاعري تي فارسي شاعري جو اثر‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٨٠ع، ص: ٤٠.

٤٨. خزانہ الاسرار (مڪتوبات پير صبغت الله شاهہ) سڪندريہ پبلڪيشنز پير جو ڳوٺ ٢٠١٤ع، ص: ٨٢،٨٣ .

٤٩. سومرو، عبدالغفار ڊاڪٽر، ’احوال و آثار عبدالقادر بيدل‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ٢٠١٢ع، ص: ٣٣-٤٤.

٥٠. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ’لطيفي لات‘، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ص: ١٨٥،١٨٢

٥١. انصاري، گُل محمد، ’ڪلام بيدل‘، ادبي سوسائٽي روهڙي، ١٩٨٩ع، ص: ٢٧.

٥٢. قادر بخش بيدل، ’احوال و آثار‘، سنڌي ادبي بورڊ ، ٢٠١٢ع، ص: ٣٢.

٥٣. ساڳيو، ص: ٣١.

٥٤. ساڳيو، ص: ١٣٠، ١٣١.

٥٥. ساڳيو، ص: ٢١٦.







٥٦. ساڳيو، ص: ٢٠٩.

٥٧. ساڳيو، ص: ٣٠٨، ٣١٢.

٥٨. ساڳيو، ص: ٣٤٠، ٣٤١، ٣٤٧، ٣٤٩.

٥٩. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ’لطيفي لات‘، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ص: ١٨٧.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair